# شيخ اياز

# جون چونڊ ڪهاڻيون

# قمر شهباز
# جون
# چونڊ ڪهاڻيون

چونڊ ۽ ترتيب

## ڪرم الاهي چنا

سنگم پبليڪيشنس
37 - يونيِ پلازا، آء- آء- چندريگر روڊ،
ڪراچي، سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنگم پبليڪيشنس جو پندرهون ڪتاب

چيئرمين : سيد بشير احمد شاهه

سھيڙيندڙ: ڪرم الاهي چنا

ساٿـي : لياقت عزيز ۽ اعجاز علي شاهه

پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

قيمت : [redacted] روپيه


# QAMAR SHAHBAZ JOON CHOOND KAHANYOON


Edited By: Karam Illahi Channa

Published By: M/s SANGAM PUBICATION,
37- Uni Plaza. I.I. Chundigar Road.
Karachi. Sindh.

Printed By: Wahid Art Printing Press, Rattan Talao,
Akbar Road, Karachi, Sindh.

First Published: August 1983

Price : Rs. 15-00

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپــان

جنهن گهر ۾ مان رهندو آهيان،
ان جا مختصر پاتي منهنجو ڪٽنب آهن.
سنڌن وچ ۾ ويهي مان دنيا جا
سڀ ڏک، سڀ غم، سڀ درد وساري ڇڏيندو آهيان.
منهنجي گهرواري ۽ منهنجا ٻارڙا
منهنجي زندگي آهن.
انهن کان جدا ٿي مان ڪٿي به چين سان گهاري نه سگهندس.
ان ڪري هيءَ ڪتاب
پنهنجي ”ڪٽنب“
جي نالي ٿو ڪيان.

— قمر شهباز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


★ مارئي 11

★ واڳهہ نک 21

★ ڪجيءَ جو جن 45

★ دوزخ کان دوزخ تائين 58

ڪنهن کي دلڙي ڏين، ڪنهن کان ڏار ٿين 67

★ ڪاڪ ڪڙهي، وڻ ويا 78

★ گولا جي گولن جا 88

★ احساس جو صليب 99

★ بهارون بي وفا آهن 108

★ تنهنجي منهنجي ڪهاڻي 118

★ پيجري منجهہ پراڻ 131

★ قصو چوٿين درويش جو 141



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# واقفيت

وڻ ڀڪڙ، اڏما، طوفان، اڳتي وڌڻ، اڳتي نڪرڻ جي تمنا، ڪشمڪش، اهي قمر جي شخصيت جون خاص ڳالهيون رهيون آهن. مون هميشه کيس لکندي ئي ڏٺو آهي ۽ وري لکڻ به اهڙو جو ڏسي حيران ٿي وڃجي. لان جي کنهن ڪنڊ ۾، ٻارن جي گوڙ گهمسان ۾، ماڻهن جي ڪچهريءَ ۾ يا مرضي پويس ته گاڏي کنهن وڻ هيٺان پارڪ ڪري قلم ڪاغذ کڻي لکڻ شروع ڪندو. ڪيئي ڊراما، ڪهاڻيون ۽ شعر لکيا اٿس. جن مان گهڻن جي ڇپجڻ جي اڄ ڏينهن تائين نوبت نه آئي آهي. لکندو ويندو کنهن ڪنڊ پاسي ۾ اڇلائيندو. نه لکندو ته مونجهه، گهٽ ۽ ٻوسٽ محسوس ڪندو. اندر جي اڌمن جو اظهار لفظن کي ڪاغذ تي پکيڙي ڪندو آهي.

قمر تمام گهڻو ۽ سٺو لکيو آهي. سندس لکڻ جو انداز سهڻو ۽ وڻندڙ آهي. لفظن جا خزانا اٿس جن جي سحر ۾ انسان گم ٿيو وڃي. پاڻ کلندو ٻين کي کلائيندو. ٿوريءَ ٿوريءَ ڳالهه تي ڪاوڙجي پوڻ وارو. جلدي پرچي پوڻ وارو. کنهن جي ٿوريءَ تڪليف تي تڙپي پوڻ وارو. روئي پوڻ وارو حددرجي جو حساس.

قمر دوستن جو دوست ۽ ساٿين جو ساٿي آهي. واقفيت تمام گهڻي اٿس. باقي دوستي ڪن چند ماڻهن سان ئي هوندس. الطاف شيخ جي اچڻ جو ٻڌي خوشيءَ وچان ٽڙي پوندو آهي. ۽ اکين جي جوت جلڻ لڳندي اٿس. ساڳيءَ طرح امر جليل سان ويهي ماضيءَ جون ڳالهيون ياد ڪندو آهي. اسڪول جي زماني جون ڳالهيون، ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ جون ڳالهيون ياد ڪري ٻئي ڏاڍا خوش ٿيندا آهن

هٿ جو ڇوٽ. جيڪي ڪجهه کيسي ۾ هوندس کپائي پورو ڪندو آهي. پنهنجو ڪوبه ڪم، ڪڏهن کنهن کي نه چيائين، باقي ٻين، خاص ڪري غريبن ۽ ضرورتمندن لاءِ وتندو ماڻهن کي فون ڪندو.

ڏک سک ته انسان جا ازل جا ساٿي آهن. قمر زندگيءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڪليف کي هميشه مرڪي قبوليو آهي. گذريل سال سندس دل جي مشڪل آپريشن ٿي گذري. ظاهر آهي ته اهو مرحلو منهنجي ۽ اسان جي ٻارن جي لاءِ ڪيترو نه تڪليف ده هيو. لنڊن جي 'پرنسيز گريس' (Princess Grace) هاسپيٽل ۾ جڏهن ڪيس اسٽريچر تي آپريشن ٿيٽر ڏانهن وٺي ٿي ويا، تڏهن مان بي اختيار روئي پيس. پر تڏهن به سندس منهن تي هڪ اهڙي مرڪ ڦهليل هئي، جنهن کي مان اڃان تائين وساري نٿي سگهان. ان وقت اکيون ٿي ڪئي، مون ڏانهن نهاري چيائين: It is part of the game ۽ مان سندس همت تي حيران ٿي ويس. هن مختصر حياتيءَ ۾ ڪيئي مشڪل مرحلا به آيا آهن، پر قمر هميشه انهن کي خوشيءَ سان قبوليو آهي ۽ مرڪي منهن ڏنو آهي.

برسات جي وسڻ لاءِ ڏينهن جا ڏينهن ۽ سالن جا سال انتظار ڪندو آهي، بادل مڙي آيا ته چوندو: اڄ برسات ضرور پوندي ۽ جڏهن مڙيل ڪڪر ڇڙوڇڙ ٿي وکري ويندا تڏهن ڏاڍو اداس ۽ ويڳاڻو ٿي ويندو، ته پوءِ اڃان به شدت سان مينهن وسڻ جو انتظار ڪندو آهي. ڪڪرن وسڻ شروع ڪيو ته سندس من خوشيءَ سان تمتار ٿي ويندو آهي. ۽ پوءِ ورانڊي ۾ ڪرسيءَ تي ويهي چانهه جو ڪوپ هٿ ۾ کڻي ڏاڍي مزي سان برسات جو نظارو ڏسندو آهي. اها سندس زندگيءَ جي وڏي ۾ وڏي عياشي آهي. قمر جتي ويهندو آهي، محفل مچي ويندي آهي نيون ڪهاڻيون نيون آکاڻيون ۽ نوان قصا جنم وٺندا آهن. لطيفا ۽ ٽوٽڪا ٻڌائيندو هلندو ۽ ٽهڪن جا گونج ڦٽندا هلندا آهن.

ڪتاب ڇپرائڻ جو شوق اصل ڪونه ڪيائين. سندس لکيل ۽ ڇپيل شيون ايتريون آهن جن جو سنڀالڻ مشڪل ٿيو پوي. منهنجي ڪيئي دفعا زور ڀرڻ کان پوءِ به ڪڏهن ڇپرائڻ ۾ دلچسپي ڪانه ورتي اٿائين ۽ هاڻي جڏهن هيءُ سندس پهريون مجموعو ماڻهن جي هٿن تائين پهچي ٿي چڪو آهي ته اڳتي فيصلو ڪرڻ پڙهندڙن جو ڪم آهي.   — **ارشاد قمر**

ڪراچي ٢٥- جولاءِ ١٩٨٣ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇوڪرائيون اڃان به خالي پيون هيون، سيج به سڄي پئي هئي ۽ ٻانهيون اڃان تائين سازن تي سر رکي ستيون پيون هيون. ۽ هڪ ڪنڊ ۾ 'هوءَ' به قاتل لوڏي سنڀالي سمهي پئي هئي- سندس اکڙين جا آنسو خشڪ ٿي ويا هيا، پر سندن نشان اڃان باقي هئا. ۽ هوءَ ديوين جي شان سان اکيون ٻوري سهانن سپنن جي دنيا ۾ گم هئي.

۽ ٻوءِ جڏهن هن ننڊ ۾ سُڏڪو پريو، تڏهن مان اتان هليو آيس.

ان ڳالهه کي ايام گذري ويا. نه مون ڪيس ڳوليو، نه وري هن ملڻ جي ڪوشش ڪئي- ايترو سو ٻڌم، ته هوءَ گهڻو بدلجي وئي آهي. پر ساڻس ملاقات تڏهن ٿيم، جڏهن هڪ ڏينهن نيپلس (Naples) ۾ حسين شام جنم وٺي رهي هئي. سامهون حدنگاه تائين سونهري ڍنڍ ڦهليل هئي ۽ دور ـــ ڪنهن اڻ ڄاتل گهرائيءَ ۾، ٽڪل سورج هوري هوري غائب ٿيندو پئي ويو. هڪ وڻندڙ لالاڻ هئي جا آڪاش کي اجاري رهي هئي- ۽ ان ئي لالائيءَ ۾ وهنجڻ لاءِ سوين نوجوانن دليون ڪناري تي هڪ ئي وقت ڌڙڪي رهيون هيون. خوبصورت اٽالين عورتون، جن جي مُرڪ شام جي هلڪي گلابي رنگت چورائيندي آهي، نفيس ۽ اڌ ننگيون فرينچ نازنينون، جي پنهنجي جوان جسم جي، هلڪي هلڪي خوشبو، شام جي خوبصورتيءَ ۾ جذب ڪري ڇڏينديون آهن ۽ پريل رانن ۽ چلڪندڙ ڇاتيءَ واريون آمريڪن جوانڙيون، جن جا ٽهڪ لهرن جو مڌر نغمو آلاپيندا آهن، ۽ جن جي جواني نيپلس جي هردلعزيزيءَ جو راز آهي. پر ۾ ئي سرڪاري بينڊ ڪو خوشيءَ جو ترانو وڄائي رهي هئي. ۽ سامهون، صرف وهنجڻ جي ڇوٽن ڪپڙن ۾ ملبوس عورتن ۽ مڙدن جو هجوم، ڪن گهڙين لاءِ زخمي دنيا کان دور، ڪوڙيءَ خوشيءَ جي گود ۾ مرڪڻ جي ڪوشش ۾ مگن هئو.

هوٽل ۾ سگريٽ جي دونهي ۽ شراب جي ٻوءِ جي وچ ۾ ڏتڙيل آرڪيسٽرا جي لئه تي، هڪ نيگرو ڳائڻي، ڳائي رهي هئي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجورو! ۽ هي خوبصورت واچ، ۽ هيءَ هيري جي منڊي، هيءَ حسين زندگي، هي سڀ ڪجهه مائيڪل کي ڪن گهڙين لاءِ وسارڻ جي صلي ۾ مليا اٿم.....!"

"Lost generation." مون سوچيو.

هوءَ اڃان کلي رهي هئي.

اوچتو آرڪيسٽرا سر بدلايا ـ ۽ روشنيون جهيٽيون ٿي ويون. ۽ تڏهن هوءَ گلاس هٿ ۾ کڻي، ٿڙندي ٿاٻڙندي، شراب ڇلڪائيندي فلور ڏانهن اٿي هلي. نوجوان ڪيس روڪڻ چاهيو ـ پر هن پٺي ورائي به نه ڏٺو ـ ماڻهن جي گوڙ مان بچندي، لڏندي لمندي، هوءَ اچي فلور تي پهتي. روشنيءَ جي هڪ وڏي سونهري دائري ڪيس پنهنجي هنج ۾ جهڪي ورتو.

۽ تڏهن سڀ نظرون مٿس ڄمي ويون. پر هوءَ ڄڻ سندن موجودگيءَ کان بي خبر هئي ـ پيگ هڪ طرف اڇلي، وار کولي ڇڏيائين ۽ پوءِ سيڪسوفون (Saxophone) جي ويڊيندڙ آواز تي، سندس خوبصورت جسم جهومي اٿيو ـ پير ڇريا، ڪمر لچڪي ۽ پوءِ 'راڪ اين رول' جي ڌن تي مست ٿي هوءَ نچڻ لڳي. لڙ ڪڙائيندڙ پير، جيئن پوءِ تيئن تيز ٿيندا ويا ۽ سازن جي آواز تي سندس جسم وڄندو سڄندو، نيون شڪليون اختيار ڪندو ويو.

"چا چا چا ـــ"

هاڻ سندس گرد ماڻهن جو ميڙ ٻڌجڻ شروع ٿي ويو هئو. جميءَ حلقو ٽوڙي جينيءَ کي روڪڻ چاهيو. پر هاڻ تماشبينن جو تعداد وڌي ويو هو. ۽ سازن جو تال تيز ٿي ويو هو ۽ موسيقيءَ جي ان تيز وهڪ ۾ هوءَ وهي هلي هئي. ساهه زور زور سان کڄي رهيو هوس، ڪليل وار ڦهلجي رهيا هئا. پر هوءَ نچندي رهي، ۽ سندس ٺهڪ دونهاٽيل فضا ۾ گونجندا رهيا.

"چا چا چا ـــ !"

"Lost generation" مون چيو. پر منهنجو آواز، ماڻهن جي گوڙ ۾ گم ٿي ويو. ڇو ته هاڻ آرڪيسٽرا جي تال تي ماڻهن به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جواب ۾ خالي رستي تي هڪ ياچو چرندو نظر آيم. جو ٽڙندو ٽاپڙندو اڳتي وڌي رهيو هئو. جنهن سرديءَ کان بچڻ لاءِ پنهنجا هٿ ڪوٽ جي کيسن ۾ لڪائي ڇڏيا هئا، ۽ جا ڪنهن گهريءَ سوچ ۾ گم ٿي وڃي رهي هئي.

'ڇا سوچي رهي هئي هوءَ—؟'

شايد ان فوجي نوجوان متعلق، جو فرنٽ تي مارجي ويو هو، يا ان فوجيءَ جي باري ۾، جنهن جي گرم گرم بستري تان اڄهو هينئر هوءَ اٿي آئي هئي.— يا وري ان هجوم جي باري ۾، جو شراب جا پيالا ڏانهنس لوڏي لوڏي، زور زور سان ڳائي رهيو هو:

"To you, to you,
O, blonde baby"

۽ مان هوريان هوريان سندس پٺيان هلندو رهيس.

هڪ پراڻي جڳهه جي پرسان پهچي، هن بند دروازي کي ڌڪو ڏنو. دروازو ڪليل هو. پاري قدم کڻندي هوءَ اچي ورانڊي ۾ پهتي- بتيءَ جي هلڪيءَ روشنيءَ ۾ مون ڏٺو، هڪ ڪراڙو، ٽٽل ڪرسيءَ تي ويٺو جهوٽا کائي رهيو هو. سندس مٿي جا وار ڪٽسيل هئا، ۽ منهن ۾ اڪيچار گهنج پئجي چڪا هئس. ڦاٽل ڪوٽ جي ڪالر اڀي ڪري، هو ڀنڪيون کائي رهيو هو. پيرن جو آواز ٻڌي هو ڇرڪي اٿيو. ننڍاڪڙيون اکيون کولي هڪ وار سامهون ڏٺائين، ۽ پوءِ ٽيبل تان شراب جي اڌوڪي بوتل کڻي کيسي ۾ لڪايائين.

"اچي وئينءَ جيني—؟"

جينيءَ ڪوبه جواب نه ڏنو.

هن ڪمري ۾ پهچي، ڪوٽ لاهي پري اڇلائي ڇڏيو، ۽ پوءِ پاڻ کي پلنگ تي ڦٽو ڪري، وهاڻي ۾ منهن لڪائي پئجي رهي. ڪا گهڙي خاموشي رهي، پر پوءِ ٻڌي جو آواز جهوني گهر ۾ گونجي اٿيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس جي پٺي ڪي جهلي چڪڻ وارو ٿي هوس، جو ڪنهن اچي پٺيان ڪلهي تي هٿ رکيم.

مڙي ڏٺم: هڪ قداور، مضبوط جسم وارو نوجوان شيدي هو. گهنڊيدار وار، رنگ پڪو، ننڍڙيون اکيون، بينو نڪ ۽ چمڪندڙ ڏند.

نهايت نهٺائي واري انداز ۾ چيائين: قمر صاحب توهان آهيو؟

چيم: ها.

چيائين: پاڪستان کان آيا آهيو؟

چيم: جي.

آواز ۾ وڏيڪ عاجزي اچي ويس. ذري گهٽ روئڻهارڪو ٿي ويو.

چيائين: معاف ڪجو مونکي ٿوري دير ٿي وئي. اوهانکي ضرور تڪليف ٿي هوندي. مان ڏاڍو شرمسار آهيان. مونکي ڏيو پنهنجو سوٽ ڪيس مان ٿو کڻان- توهان اچو منهنجي پٺيان.

مونکي پاڻ ڏانهن گهوريندو ڏٺائين ته منهن تي مرڪ تري آيس.

چيائين: مان به صفا پوڪ آهيان. پنهنجي سڃاڻپ ته ڪرايم ئي ڪونه.

پنهنجو ٿلهو متارو، ڪارو هٿ اڳتي وڌائي چيائين: مونکي 'ماريو' چوندا آهن.

مون پنهنجو ساڄو، تڪل هٿ سندس هٿ ۾ ملائي ڇڏيو.

پڇيم: توهان کي ميلي وارن موڪليو آهي؟

کلندي چيائين: اهي ڳالهيون پوءِ ڪنداسين. پهريون اهو ٻڌايو ته ڪهڙي قسم جي هوٽل ۾ رهڻ پسند ڪندا؟

چيم: وچولي ۾. مهانگي هوٽل جيترا مون وٽ ڏوڪڙ ڪونه آهن.

چيائين: منهنجو به اهو خيال هو. مون اوهان لاءِ هوٽل 'مريتزا' ۾ بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. پنجاهه ليوا رات جا. صبح جو ناشتو مفت. آهي منظور؟

ٽئڪسي پلاديف جي رستن تي ڊوڙڻ لڳي.

رستن تي عورتون ۽ مرد بسن جي انتظار ۾ قطارون ٻڌي بيٺا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٽ ڪيئن اچان ها؟
چيم: ويهو.
هوءَ سڌوري ٻار جيان مانڙي ڪري ويهي رهي. جهٽ رکي
چيائين: منهنجو نالو وانيا آهي. اسان وٽ عام طور اهو نالو
ڇوڪرن جو هوندو آهي، پر جيئن ته مونکي ڪوئي ڀاءُ ناهي
ان ڪري ابو امڙ ڇوڪرائي نالي سان سڏيندا اٿم.
پڇيم: ۽ ماريو؟
وري کلي پئي. چيائين: ماريو به وانيا ئي سڏيندو اٿم.
پوءِ معلوم ٿيو ته هر جملي کان اڳ ۽ پوءِ بي ساخته ٽهڪ
ڏئي کلڻ هن جي عادت هئي. کلي ته اهڙي معصوم لڳي جو
چڻ ته ڪنهن ٻار رانديڪو لڌو آهي.
چيائين: مونکي ٻي ڀيڻ به آهي. پر هن جي شادي ڪينيا جي
هڪ ڊاڪٽر سان ٿي آهي. پنهنجي مڙس سان ڪينيا ۾ رهندي
آهي. منهنجو پيٽويو به ماريو جيان هت ڊاڪٽري پڙهڻ آيو
هو. پنهي جو پيار ٿيو ۽ شادي ڪري هليا ويا. منهنجي مائٽن
ماريو سان منهنجي شاديءَ جي مخالفت ان ڪري به ڪئي هئي
ته ماريو پرديسي آهي. مونکي وٺي پيروءَ هليو ويندو. ۽ پوءِ
هو اڪيلا ٿي پوندا. ملڪ جا قانون به سخت آهن. پر اسان
ڪنهن جي به پرواهه نه ڪئي. سيني سان وڙهي جهڙي شادي
ڪري ويهي رهياسين. بس، هاڻي سال کن ۾ ماريو ڊاڪٽر ٿي
ويندو ۽ پوءِ اسان پيروءَ هليا ويندا سين.
چيم: ۽ تنهنجا ماءُ پيءُ؟
چيائين: انهن اسانجي شادي ڪرائڻ خاطر حڪومت کي لکي
ڏنو آهي ته هو اسان سان گڏجي نه ملڪ کان ٻاهر ويندا ۽
نه وري اسان سان ملڻ لاءِ ئي وطن ڇڏيندا. اسان وٽ اهو
قانون آهي.
چيم: ڪهڙي دل سان لکي ڏنائون؟
چيائين: اسان ته ڏاڍو رني. هڪ ٻئي جي جدائي وسري ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ڏئي، پنهنجي آڪيري ڏانهن اڏري ويا. مان ڪوڙ دير تائين اڪيلو ويٺو هنن جي باري ۾ سوچيندو رهيس.
صبح جو هو آيا، ته مون کين پنهنجو تازو شعر ٻڌايو.
اهو شعر مون گذريل رات ”ٽري مانٽيوم“ هوٽل جي ورانڊي ۾ جوڙيو هو:

هر ڪنهن من جو ڪوئي موتي
هر ڪنهن جيءَ جي ڪائي جوتي
پيار پڙي هن جڳ ۾ سائين
منهنجو ڪير؟
پپيها تون!

”ٽن ٽڪرين“ جي ٽيرس تي، جام مٿان ٿو جام ڇلي
منهنجي سامهون خالي ڪرسي، جيئڙا ڪنهن لئه ٿو واجهائين؟
منهنجو ڪير؟
پپيها تون!

باهر بارش، وڻ ٽڻ آلا، اندر موسيقيءَ جي جوالا،
جوڙا جهوميا، گيت اڏاٽا، سپنن سان ٿو دل وندرائين.
منهنجو ڪير؟
پپيها تون!

دور ڪاڻ ڪائي آهٽ آئي، ڪنهن جي خوشبو هر سو ڇائي
بجلي چمڪي، اکڙيون ڦٽيون هر هر ڏوڪو ڇو ٿو کائين.
منهنجو ڪير؟
پپيها تون!

ماڻهن جي ميلي ۾ ڪوئي من جي بن ۾ روئي روئي
پيار ڦڙيءَ لاءِ ماندو آهي ڇوٽو پياسي ڪي ترسائين.
منهنجو ڪير؟
پپيها تون!

باغيچي جي بينچ پنل تي، هٿڙو هٿ ۾، گلڙو گل تي
پريمين جو ڪو جوڙو آهي، ڪيئن ٿو هُشڪر سان ڇرڪائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو ڪير؟
پپيهيا تون!
دير ٿي وئي آ، هاڻي هلجي؛ ليڪن ڪيڏانهن؟ ڪيڏانهن هلجي؟
سارو شهر ته، ڏاريو آهي ڏاري‌و در ڇو ته و کڙڪائين
منهنجو ڪير
پپيهيا تون!

هو ٻئي ڪيتري دير چپ رهيا.
جڏهن برازيلي اسٽال تان ڊانس ميوزڪ وڄڻ ته ڏهن به ماري‌و ٽڪڙ نه ڪئي. آهستي آهستي بي دلي‌ءَ سان اٿيو ۽ بنا ڪجهه چوڻ جي ٻاهر هليو ويو.
مون کي خاموشي کائڻ لڳي.
وانيا کي چيم: ڇا ڳالهه آهي وانيا؟
چيائين: ڪجهه ناهي.
چيم: ڪجهه ته آهي.
چيائين: مون کي قسمت تي ايمان ناهي. پر خبر ناهي ڇو توهان جو شعر ٻڌي خوف وڪوڙي ويو آهي. الڪا منهنجي اندر کي اڌ ڪري رهيا آهن.
پڇيم: ۽ ماريو؟
چيائين: هو به خوفزده آهي. ماڻ هن کي سڃاڻان.
هوءَ وري خاموش ٿي وئي.
ماريو آيو ۽ ماڻڙي ڪري ويهي رهيو.
مون ڪان رهيو نه ٿيو، چيم: خدا لڳ ڪجهه ته ڳالهايو.
ماريو اٿي ٽهلڻ لڳو.
ڳچ دير ڪان پوءِ چيائين: هلو.
پڇيم: ڪيڏانهن؟
چيائين: پراڻي شهر ڏانهن. پلاڊيف جي جديد شهر سان لڳو لڳ قديم شهر به آباد آهي. اهو هزارها سال پراڻو آهي. وانيا ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيون ويون هيون. مهمان وڏي ڪاٺ سان گرم گرم گوشت جا ٽڪر ڪپي، پليٽ پري، شراب جو گلاس ساڻ ڪڻي، هلڪي اونده ۾ ڪا ڪنڊ ڳولهيو وٺي، ٽوليون ناهي، ڪاڏي به رهيا هئا ته ڪلي ڳالهائي به رهيا هئا.

ٽڏهن اوچتو هڪ پاسي وانيا کي اڪيلو بيٺل ڏٺم.

ويجهو وڃي چيو مانس: اڪيلي آهين؟

چيائين: نه، ماريو به ساڻ اٿم.

چيم: نظر ته نٿو اچي؟

چيائين. دوستن کي ڪم ڪار ۾ مدد ڪرڻ ويو آهي.

دوستن مان مراد سندس، انهن ساٿين سان هئي جيڪي هن وانگر ارجنٽينا جي اسپتال تي وقتي طور ملازم هئا.

مان هن سان گڏ هڪ خالي ٽيبل تي ويهي رهيس.

هوءَ چپ چاپ سامهون پرندڙ مچ کي گهوريندي رهي. شعلن جي روشني، اونداهيءَ رات ۾ هن جي منهن تي وچ جيان ڪنوندي رهي. ڪا آنڌ مانڌ هئي جا هن جي اکين مان اوتجڻ لاءِ آتي هئي. ڪا مونجهه هئي جا هن جي من کي مهٽي رهي هئي. ڪا پريشاني هئي جنهن سندس پيشانيءَ تي پنهنجا پر پکيڙي ڇڏيا هئا.

چيم: تون ڪجهه منجهيل آهين وانيا.

هوءَ چپ رهي.

چيم: ڇا ڳالهه آهي وانيا؟

اهڙو ٿهڪ جنهن تي اوچنگار جو گمان ٿئي.

چيائين: ڪجهه ناهي.

چيم: ماريو سان وڙهي آهين ڇا؟

چيائين: نه.

چيم: پوءِ تون اڪيلي ڇو آهين؟

هن ڪو به جواب ڪونه ڏنو.

چيم: تو منهنجي سوال جو جواب ڏنو؟

چيائين: هر سوال جو جواب نه ٿيندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيم: ڏاڍي سهڻي سوکڙي آهي. مان هن کي پنهنجي ڊرائنگ روم ۾ رکندس ته جيئن هميشه منهنجي اکين آڏو رهي.
وانيا چيم: ماريو به وعدو ڪيو آهي ته هو مون کي هميشه پنهنجي اکين آڏو رکندو. ڪيئن ماريو؟
ماريو ڪنڌ هيٺ ڪري شرمائيندي چيو: ٻهريون دفعو ٿوروئي چيو اٿم.
وانيا کيس چاتيءَ تي مڪ وهائي ڪڍي. چيائين: ٻهريون دفعو نه سهي، پوريون دفعو ضرور آهي. ٻڌئي؟
ان ئي شام جو مان پلاديف مان ٽرين رستي صوفيه روانو ٿي ويس.
هو ٻئي مون کي اسٽيشن تي ڇڏڻ آيا. جيستائين ٽرين بيٺي رهي، هو به بيٺا رهيا ۽ پوءِ جڏهن گاڏي هلڻ لڳي ته هو ڪجهه قدم گاڏيءَ سان گڏ هلندا رهيا ۽ پوءِ بيهي رهيا.
مان کين ايستائين ڏسندو رهيس، جيستائين هو اکين کان اوجهل نه ٿي ويا.

اڄ جڏهن ٻن سالن جي عرصي بعد مان ٻيهر پلاديف جي اسٽيشن تي پهتو آهيان، تڏهن ڀانيان ٿو ته هتي ڪجهه به بدليو ناهي.
هر شيءِ ٺيڪ ائين ئي آهي جيئن ڇڏي ويو هوس.
خالي پليٽ فارم تي چانهه جو اهوئي ساڳيو اسٽال ساڳي ريت موجود آهي. بيرو بيو ٿو ڏسجي. پر ان سان ڇا ٿو ٿئي؟ ماڻهو ته بدلبا ئي رهندا آهن.
ماريو لاءِ نهاريان ٿو، پر هو ڪٿي به نظر نٿو اچي.
نااميد ٿي پليٽ فارم کان ٻاهر اچان ٿو. ٽئڪسي وٺي هوٽل ۾ پهچان ٿو. ساڳي هوٽل، ساڳيو مريٽزا نديءَ جو ڪنارو. ساڳيو دربان جهڪي سلام ڪري ٿو ۽ منهنجي لاءِ دروازو کولي ٿو. مون کيس پنهنجائپ مان مرڪندو به محسوس ڪيو. شايد سڃاتو اٿائين. يا وري شايد درباني ڪندي مرڪي سندس عادت بڻجي چڪي آهي.
ڪمري ۾ پهچي مان ٿڪ لاهڻ لاءِ پلنگ تي ليٽي پوان ٿو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس آواز ۾.
رجندڙ آواز ۾ چوي ٿي: مونکي ڇڏي ڏنائين. برازيلين ڇوڪريءَ سان شادي ڪري پيروءِ هليو ويو. مري ويو – مري ويو – هو منهنجي لاءِ مري ويو.
مان ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي، جهنگلي جو سهارو وٺي هيٺ ماٿريءَ ڏانهن ڏسان ٿو جتي ڊنڊ گهرو ٿيندو ٿو وڃي.
هوءَ منهنجي پٺيان اچي بيٺي آهي.
مون ۾ ايتري همت ناهي جو مڙي ڏانهنس ڏسي سگهان.
چوي ٿي: اهو شعر ياد اٿو؟ تري مانيٽيوم وارو —
مان ڪنڌ سان هائو ڪيان ٿو.
هن جو آواز التجا بنجي وڃي ٿو– چوي ٿي: ٻڌايو —
مان ماٿرين ڏانهن نهاريندي، ٿڙڪندڙ چپن ۽ وڏيل آواز سان چوان ٿو:

هر ڪنهن من جـو ڪوئي موتي،
هر ڪنهن جيءَ جي ڪائي جوتي،
پيار پرٺـي هـــن جڳـــ ۾ سائين،
منهنجو ڪير؟
پپيها تـــون!

لفظ واڪهه نک جيان منهنجي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا آهن ۽ مان روح جي گهراين تائين گهائجي پيو آهيان.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پر .... پر .... تون هتي!؟“

”ها دوست، رئيسن جي ياريءَ تي ڪهڙو ڀروسو؟ ڪيس ڀيو ڪارائتو جن ملي ويو.“

”پر تون ته سندس قديمي خير خواهه هئين ـ هن لاءِ تو ڪيترائي ڪڏا ڪم پڻ ڪيا.“

”وقت وقت جي ڳالهه آهي سوڍا،“ هن ٿڌو ساهه ڀريو. ”هاڻي مان پراڻا ڪوٽ وڪڻي پيٽ پاليندو آهيان.“

مونکي جن سان همدردي ٿيڻ لڳي. پڇيم، ”پر آخر اهو سڀ ڪجهه ٿيو ڪيئن؟“

هن اکيون جهڪائي ڇڏيون. ڏکويل آواز ۾ چيائين، ”مون توکي چيو هو نه ته مان سياستدان ناهيان. فقط جن آهيان، ۽ جن حڪم جا غلام ٿيندا آهن.“

”پر ان جاءِ ۾ هاڻي ڪير رهندو آهي؟“

”خير سان ننڍو رئيس جوان ٿيو آهي.“

”اهو ته ٺيڪ آهي پر .... “

”بس، وڌيڪ ڪجهه به نه پڇ. مان تنهنجي اڳيان شرمسار آهيان سوڍا.“

ائين چئي هن منهن ڦيري ڇڏيو ۽ پراڻا ڪوٽ وڪڻڻ لڳو.

●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دوزخ کان دوزخ تائين

ٽي- ايس- ايليٽ چيو هو ته: ’اپريل، سال جو سڀ کان ظالم مهينو آهي. ڇوته هن مهيني ۾ گل ٽڙندا آهن.‘

هن سال جڏهن اپريل آيو، تڏهن مون دوزخ جي ستين خاني مان هڪ ڪاغذ چٺڪيءَ تي جهنم جي ڪنجي بردار ڏانهن هڪ مختصر درخواست لکي موڪلي. لکيم: ’سائين اڄ مونکي دنيا مان لاڏائو ڪئي پورو هڪ سال ٿيو آهي. گذريل سال، هن ئي ڏينهن تي مان فاني دنيا کي هميشه هميشه لاءِ ڇڏي، باهه جي سمونڊ ۾ سڙڻ لاءِ هت هليو آيو هوس. حضور، مان پنهنجي ٻوليءَ جو مشهور اديب ۽ شاعر هوس. گهٽ ۾ گهٽ منهنجي دوستن ۽ مداحن مونکي اهو ٻڌايو هو. هو مون کي بي خوف ڪهاڻيڪار ۽ جوشيلو شاعر سڏيندا هئا. منهنجي نانءَ جا نعرا هر محفل جو مان مٿي ڪندا هئا. منهنجي موجودگي هر مجلس لاءِ فخر جو باعث هوندي هئي.

هو چوندا هئا ته جيڪڏهن مان سندن ٻوليءَ جو ليکڪ نه هجان ها ته سندن ادب اڃايل رهجي وڃي ها، سندن گيت گهايل هجن ها، سندن ٻاڻ نه ٻرن ها. پر موت مونکي ڪانئن ڪسي ڏار ڪري ڇڏيو آهي. مان سمجهان ٿو ته ان هڪ سال جي عرصي ۾ هو مونکي ياد ڪري اداس ٿي ويا هوندا. منهنجي ڪمي هنن جي همت ٽوڙي ڇڏي هوندي. هو سڏڪيا هوندا، رنا هوندا، روئندي روئندي بي حال ٿي ويا هوندا. سندن ادب اجڙيل آکيرو بڻجي چڪو هوندو، روشنيءَ جا مينار تاريڪين ۾ ٻڏي ويا هوندا.

اڄ هو ضرور منهنجي ورسي ملهائڻ لاءِ گڏ ٿيا هوندا. اکين ۾ آنسو ڇلڪائي، دل ۾ درد ڇپائي، هو گڏ ٿيندا. پنهنجي وڇڙيل ساٿيءَ کي ياد ڪرڻ لاءِ، سندس گڻ ڳائڻ لاءِ، هو ضرور گڏ ٿيا هوندا، هو ضرور مونکي ياد ڪندا هوندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ پوءِ فنڪشن شروع ٿيو. ڪارڪنن لڙڪ لاڙي تقريرون ڪيون. ڪوڪن جهڙي ڏندن واري ڪامريڊ مون کي پورهيت عوام جو هڏ ڏوکي ٻڌايو.
پخال جهڙي پيٽ واري پياڪ مون کي پنهنجو جگري يار ۽ پيالي ڀائي سڏيو.
مولانا سڏڪي سڏڪي منهنجي ڪلام کي ٽن جدا جدا معنائن ۾ سمجهايو ۽ منجهانئس الاهي راز کولي بيان ڪيا.
۽ ساڙهيءَ واري سلميٰ اڪين ۾ آب آڻي مون کي عورتن جي حقن ۽ آزاديءَ جو علمبردار سڏيو.

منهنجو ساهه منجهڻ لڳو ۽ جهنم جي سڀني ترين کان به وڌيڪ گرمي محسوس ٿيڻ لڳي، ۽ تڏهن مان اٿان اٿي ٻاهر هليو آيس.
روڊ تي بيهي ٻانهون آسمان ڏانهن ايئون ڪري چڙيم،
ڏرتيءَ تي منهنجو جسم جلي رهيو هو.
ڏرتيءَ منهنجو ساهه ٻوساٽجي رهيو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪاڪ ڪڙهي، وڻ ويا

فنڪشن پورو ٿيو ۽ ڪارن جو ڪاروان ڪنٽري ڪلب روڊ کان شهر ڏانهن هليو. تڏهن مان هڪ هٿ ۾ گٽار ۽ ٻئي هٿ ۾ تازي کٽيل ٽرافي جهلي، ڪا گهڙي ته مسرتن ۾ مست، آڊيٽوريم جي ڇت تان، هيٺ هجوم کي ويندو ڏسندو رهيس. شاگردن جا ٽولا جهومندا ڳائيندا، يونيورسٽيءَ جي بس ۾ سٽجي ويا. رنگبرنگي لباس ۾ ڪاليجي ڪڪيون، جي ٿوري دير اڳ ساز ۽ آواز جي ابدي دنيا جون ديويون ٿي لڳيون، سي هاڻي ڌرتي جي دامن تي مرڪنديون، ٽپنديون ڪُڏنديون، ڪئمپس جي مدم روشنيءَ ۾ گم ٿينديون ويون. ڪو ماندائڻ، ڪو سوانگ ڪو سحر هو جو هاڻي ٽٽي چڪو هو. نغمن جا ڏيا اجهامي چڪا هئا. سريلا سنگيت فضائن ۾ سموئجي ويا هئا. خوشبوئن جو خمار لهندو ٿي ويو. گيت گونجار بڻجي چڪا هئا. آسمان ۾ بيجان ستارا پنهنجي آخري روشني لٽائي رهيا هئا. ۽ اوچتو اڪيلائيءَ جو احساس چوطرف ڇانئجي ويو.

مون رستي تان نظرون هٽائي ، هڪ نظر چمڪندڙ ٽرافيءَ کي ڏٺو، جا منهنجي محنتن جو ثمر هئي. منهنجي پريت ۽ پوڄا جو انعام هئي. منهنجي جيءَ ۾ جلندڙ سريلي سوز جو اظهار هئي. اڄ مون پنهنجي روح جي ريهه کي تند جي تنوار بڻائي ڏيهه کي ڏيکاريو هو. اڄ سالن جا سوداءَ تارَ تارَ ۾ تڙپي اٿيا هئا. اڄ اڇايل آتما، پڃري منجهه پرائن جيان لڇي اٿي هئي. اڄ ـــ ها اڄ، ورهين جو وڇوڙو گٽار جي گهائيندڙ آواز ۾ وڌجي سنجي، ور وراڪا ڏيندو، اپ ڏي اڏري هليو هو. ۽ ان جو اظهار ججن جي يڪراءِ فيصلي موجب مون کي پهرئين انعام جي صورت ۾ مليو هو. ۽ مون ائين محسوس ڪيو هو ڄڻ سر ۽ سر جو سنگم ٿيو هو. ڄڻ مان بيجل ۽ مان ئي راءِ ڏياچ هوس. مان ئي گيت، مان ئي گهاءُ هوس. مون ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناڻو آهي. قدرت سائنس عجيب ٺٺولي ڪئي آهي. اڄ، تو ڪيس چند گهڙين لاءِ جا خوشي ڏني آهي، مان ان لاءِ تنهنجو ٿورائتو آهيان."

هن جي اکين ۾ موتي چمڪي اٿيا.

۽ پوءِ هن سهارو ڏئي ڏهين کي ڪار مان لاٿو ۽ ڪرسيءَ تي ويهاريو. هن جون ٻئي ٽنگون سڪل هيون. ۽ جڏهن نوڪر ڪرسي ڌڪي هليا، تڏهن هن پيهر اکيون کڻي مون ڏي نه ڏٺو. ۽ مان کيس ڏسندو رهيس. ايستائين، جيستائين هوءَ منهنجي اکين کان اوجهل نه ٿي وئي.

منهنجي دل ۾ ڇڻ ڪجهه پڄي پيو. اکين ۾ ڳوڙهن جا تير لهي آيا. پولار ۾ پنهنجو وجود پنواتيون ڪاڏيندو محسوس ٿيم. دل دانهن ڪئي، اهو ڪوڙ آهي —

اهو ڪوڙ آهي —

اهو ڪوڙ آهي —

منهنجون آڱريون سيتجي گٽار جي تارن جي گرد مضبوطيءَ سان ڄمي ويون. تارون تيريءَ جي ماس ۾ پيهي ويون. ۽ پوءِ جڏهن تار آواز ڪري ٽٽي، تڏهن ڏٺم ته آڱر مان خون وهي هليو هو.

ان رات، پنهنجي ڪمري ۾ ڪافي دير تائين دريءَ کان ٻاهر اونده ۾ ٻاهر گهوريندو رهيس. ۽ پوءِ اوچتو مون پٺتي مڙي، ٽيبل تان اچوڪي ڪٽيل ٽرافي کڻي دريءَ کان ٻاهر اڇلائي ڇڏي– ۽ پوءِ پنهنجي زخمي آڱر کي ڏسڻ لڳس.

●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گولا جي گولن جا!

اڃا سج ئي ڪونہ اڀريو هو جو زال اچي جاڳايم. ڏونڌاڙيندي چيائين، ”اٿو نہ ٿا. سج وڃي ولايت پهتو آهي ۽ توهان اڃا تائين پيا ٿا مزي سان ڪونگهرا هڻو.“

مون لنوائڻ لاءِ پاسو بدلايو. هوءَ ٻئي پاسي کان ڦري آئي. چيائين، ”هاڻي اٿو بہ ڪٿي. الاهي دير ٿي وئي آهي.“

مان ڪن لاتار ڪري ستوئي رهيس.

هن جي آواز ۾ بيزاري بکڻ لڳي. ”ڇو، وسري ويو اٿو ڇا تہ اڄ انٽرويو آهي.“

”انٽرويو!“ مون هڪدم اکيون کوليون. پلنگ تان ٽپ ڏئي اٿيس ۽ باٿ روم ڏانهن ڊوڙندي چيم، ”اڙي ڀاڳن ڀري، ڀهريورن ڇو نہ جاڳايئي؟“

هن چيو، ”مان تہ ڪلاڪ کان ٻئي ٿي مٿو هڻان. توهان ٻڌو بہ تہ سهي.“

مون تڙ تڪڙ ۾ منهن تي ڇنڊا هنيا. برش جا ٻہ چار رهڙا ڏندن کي ڏنم ۽ پوءِ تازو سبايل سوٽ پيار ۽ پاپوش مان ڪڍي پاتم. هڪ هڪ ٽاءِ ميچ ڪري ڏٺم. پائي ڏٺم. لاهي ڏٺم. وري پائي ڏٺم. وارن ۾ ڪريم، اکين ۾ سرمون، منهن تي پائوڊر جو هلڪو تهہ، يو ڊي ڪولون جو ڦوهارو ۽ پوءِ آئيني اڳيان بيهي پاڻ کي هر ڪنڊ، هر پهلوءَ کان جاچي ڏٺم. ظاهري طور تہ ڪابہ گهٽتائي نظر نہ آهي.

’ڪٿي هن کي ڪا وِڏ نظر نہ اچي.‘ مون سوچيو.

ايتري ۾ بيگم صاحبہ بہ سورنهن سينگار ڪري اچي آڏو بيٺي. مرڪندي چيائين، ”ڇا راءِ آهي؟“

مون بہ ٽي عرشي فرشي سلام ڪندي چيو، ”اسان جي راءِ تہ ٻين جي راءِ جي محتاج آهي.“

چيائين، ”سمجهو ٿا تہ اسان کين- منهنجو مطلب آهي تہ ڪنهن بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڪي امپريس ڪري سگھنداسين؟“
”ڪل ڳھڻا ھوندا؟“
”خبر ناھي، ٿوريءَ دير ۾ پتو پئجي ويندو.“
”منھنجي خيال ۾ توڪي ڪنھن پير تي پاس پاسڻ گھرجي ھا.“
”پاسي اٿم،“ ھن ٺھه ٺھه ورائيو ”بخاري شاھه بادشاھه تي ديگ اھرائيندس.“
”پي ڪا سفارش؟“
”اھو به ڏسي وٺنداسين. منھنجي ساھيڙين جا مڙس وڏا سرڪاري ڪامورا آھن. ڪنھن وزير ڪان به چوائينداسين. تـوھان ويھو ته سھي.“
مان صوفي تـي ويھي رھيس. ھـوءَ دريءَ جـي سـير مان ٻاھر ڏسڻ لڳي.
”ڳھڻا آھن؟“ مون پڇيو.
”پنج ڇھه ته نظر اچن ٿا.“
”عورتون به آھن؟“
”ھا، عورتون به آھن.“
”ته پوءِ دير ڇا جي؟ شروع ڪجي انٽرويو؟“

ھوءَ دري بند ڪري موٽي آئي. گھبرايل آواز ۾ چيائين، ”خبر ناھي مونکي ڇا ٿو ٿئي.“
”خير ته آھي؟“
”دل ٿي ٻڏي.“
مون دلاسو ڏيندي چيس، ”گھبراءِ نه، خدا مڙئي چڱي ڪندو. پنھنجي دل تي مڪمل قبضو رک. ڳڻتي ڇڏي ڏي.“
ھوءَ ڦڪي مرڪ مرڪي.
”شاباس. ائين ھمت ڪر. پـھـلا ھاڻي ٿئي انٽرويو شروع؟ تيار ٿي وڃ.“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجون ته به به ويون ڇهه به ويون. وات ڦاٽي ويم.
ڏانهنس تڪيندي چيم، ”ها ها-ڇو نه، ويهو ويهو. ها....هيڏانهن
منهنجي پرسان ڪرسيءَ تي اچي ويهو.“
زال ڪڪ ۾ ٺونٺ وهائي ڪيڏيم.
احساس ٿيم ته مان حد کان وڌيڪ دلچسپيءَ جو مظاهرو ڪري
چڪو آهيان. ٿورو پاڻ تي ضابطو رکندي چيم:
”ها محترم؟!“ مرڪ چپن تي تري آيم.
منهنجي زال جهٽ پٽ ويٺو استعمال ڪيو: ”هن سان مان
پاڻهي ڳالهائيندس.“
مان منهن پيلو ڪري ويهي رهيس.
منهنجي زال رُکائيءَ مان پڇيس، ”نوڪري ڪندينءَ؟.“
هن شرميلين پلڪون کڻي مون ڏانهن ڏٺو. ڄڻ ان سوال جو
جواب مون کان پڇي رهي هجي.
منهنجي نگاهن ۾ بيتابي ڏسي، اکين ۾ شرمائيندي سريلي آواز
۾ چيائين، ”ها بيگم صاحبه.“
”ڪهڙو ڪم ڪندينءَ؟.“
”جيڪو حڪم ڪندا بيگم صاحبه.“
”ٻهاري ڏيندينءَ؟.“
”ٻهاري؟.“ هن کي ڄڻ يقين ئي نه آيو.
”ها ها ڏيندي، ڇو نه ڏيندي ٻهاري.“ مون وچ ۾ چيو.
”توهان چپ رهو.“
مان چپ ٿي ويس. اکين ۾ التجا. دل جو زور زور سان ڌڙڪڻ.
ٻهاري ڏيندينءَ؟“
هن مون ڏانهن ڏٺو. ”ڏيندي بيگم.“
”ٿانو مليندينءَ؟“
”ٿانو!“
”ها ها. ڇو نه مليندي ٿانوَ؟ آهن ئي ڪيترا پاڻي گهر ۾؟“
زال جي ڦهري نظر گهوري ڏٺو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ماٺ ٿي ويس.
”ها بيگم صاحبه.“
”ڪپڙا ڌوئيندينءَ؟“
ڳالهائڻ چاهيم. چپ چوري نه سگهيس.
”ڌوئيندس بيگم صاحبه.“
”بيو ڇا ڪندينءَ؟“
”جيڪو اوهان حڪم ڏينديون، بيگم صاحبه.“
هن مون ڏانهن ڏسندي هلڪو شوڪارو ڀريو.
منهنجي پيشانيءَ تي پگهر جا ڦڙا چمڪي اٿيا. زال ڏانهن ڏٺم، جا ڪجهه سوچي رهي هئي.
دل ئي دل ۾ ڪيس التجا ڪيم: ’رکي ڇڏينس پاڻ پيري.... رکي ڇڏينس. وري اهڙي نوڪرياڻي نه ملندئي، دير نه ڪر- رکي ڇڏينس.‘
”پگهار ڪيتري وٺندينءَ؟“
”جيڪا اوهان ڏينديون بيگم صاحبه.“ مڌر آواز جا جلترنگ- چپن تي هلڪي مرڪ.
منهنجي دل سيني ۾ ڦٿڪڻ لڳي.
’رکي ڇڏينس مولائڻ، رکي ڇڏينس.‘
منهنجون اکيون اڃان به سوچ جي ساگر ۾ گم.
اوچتو پنهنجي پير تي هنجو پير محسوس ڪيم. ڏانهس ڏٺم. اکين ۾ گلابي رنگ اوتجي آيو هوس. مرڪ هئي جا چپن تي ڇهڻي پئي هيس.
منهنجي زال اڃا به سوچي رهي هئي.
دل ۾ ڏاڍي خار لڳم.
”رکينس ڇو نٿي چنڊال! وري نه ملندئي اهڙي نوڪرياڻي.“
منهنجي زال ڪنڌ مٿي ڪيو.
منهنجي دل ڌڙڪي.
”مون فيصلو ڪيو آهي ته پنهنجي گهر جو سڄو ڪم مان پاڻ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنديس. مونکي ڪنهن بہ نوڪر جي ضرورت ناهي.“

مان چوڏهين ماڙ بلڊنگ تان ڦيراٽيون ڪائيندو.... ڪائيندو.... ڪائيندو اچي رستي تي ڪريس، ۽ منهنجي پڃل ٽٽل جسم تان ڪئي موٽرون، لاريون، جيپون تيز رفتاريءَ سان لنگهي ويون. هڏ ڳڏ پڃي پيم.

منهنجي زال اٿي. پاڇيءَ جي چلمي منهنجي اکيان ڦٽي ڪندي چيائين، ”ٻاهر جو ڪم نوهان ڪندا ۽ گهر جو ڪم مان ڪنديس.“
مون مٿل اکين سان سامهون خالي ڪرسيءَ کي ڏٺو ۽ پوءِ ٽيبل تي رکيل چليءَ تي نظرون کپائي ڇڏيم.

●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن لفظ سندس چپن مان نڪتا ته پاڻ سان گڏ لڙڪن جو درياهه به پلٽيو آيا ـ گهٽيل آواز ۾ چيائين:

”پر ـ پر انور جو ڇا ٿيندو؟“

”هو شرابي آهي. هن ڪڏهن به توکي پنهنجو نه سمجهيو.“

”پوءِ به مان هن جي زال آهيان.“

”هو بيوفا آهي ـ هن ڪڏهن به توکي پيار، سک، چين ۽ آرام نه ڏنو.“

”اسان هڪ ٻئي کي سمجهي نه سگهياسين.“

”اهو ڪوڙ آهي. تون ڄاڻين ٿي ته هو ظالم آهي. جنوني آهي. شرابي آهي. عورت هن لاءِ صرف رات گذارڻ جو بهانو آهي. هن تنهنجي سونهن سوڀيا، جسم ۽ جوانيءَ کي شراب جو ڍڪ سمجهي نڙيءَ ۾ اوتي ڇڏيو. هاڻي هن کي تنهنجي ڪا به ضرورت ڪانهي ڪا به گهرج ناهي ـــ“

هوءَ حياتيءَ جي ٻواٽي تي سڏڪي سڏڪي روئڻ لڳي ـــ

۽ تڏهن سجاد هن جي بلڪل ويجهو اچي ويو ۽ ڏڪندڙ آڱرين سان سندس لڙڪ اگهي ورتائين ۽ لرزندڙ آواز ۾ چيائين:

”روبي ـ اڄ رات اسان ٻئي گذريل زندگي سان تعلق ٽوڙي ڇڏينداسين. ماضيءَ کي موت جي ننڊ سمهاري، گڏجي نئين حياتيءَ جو آغاز ڪنداسين ـ هڪ پرسڪون، محبت ۽ خلوص ڀري زندگي. ڇئه روبي ـ ڇئه ته اها زندگي تنهنجي ۽ منهنجي تمنائن جو حاصل هوندي. ”ها“ ڪر روبي ـ ”ها“ ڪر ـــ.“

شرنائين جي گونج اڀ جي آڳنڌ تان اڏري سندس ڪنن ۾ پيهي وئي ۽ پوءِ هو ٻئي ـ نئين صبح، نئين روشني ۽ نئين زندگيءَ جي خيالن ۾ گم ڊگهي چمڪندڙ رستي تي نڪري پيا.

۽ پوءِ جڏهن رات پني ۽ تارا سمهي پيا ـ رستا ويران ۽ سنسان ٿي ويا ۽ شهر جون رنگين روشنيون هڪ ٻئي اجهامي ويون ـــ تڏهن زندگيءَ جو اهم ترين فيصلو سيني ۾ سانديي، سجاد ڏاڪا چڙهندو پنهنجي ڪمري ۾ آيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڙڪو ٻڌي زيبا جي اک کلي پئي- ڇاتيءَ تان اڌ کليل ڪتاب کڻي پر واريءَ ٽيبل تي رکي ڇڏيائين.

ڪجهه ڏينهن کان سڄاد برابر پريشان رهڻ لڳو هو. پر اڄ هنجي منهن تي تڪليف ۽ پريشانيءَ جا پڙڇا پڇا ڏسي زيبا ڏڪي وئي. ڦيٿائين ڪرسي هٽڻ سان هلائيندي هوءَ سندس ويجهو اچي وئي. پاڻ‌وهه وڃان سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلڻ چاهيائين پر سڄاد هٿ ڇڏائي اڳتي وڌي ويو ۽ پلنگ تي پاڻ ڦٽو ڪري، منهن هٿن ۾ لڪائي ڇڏيائين.

ڪرسيءَ جا ڦاٽر موزيڪ جي فرش تي رڙهندا آهستي آهستي اچي پلنگ جي سيرانديءَ کان رڪيا.

هن پنهنجو ڏڪندڙ هٿ سڄاد جي ٻرندڙ مٿي تي رکي ڇڏيو. هو اڃا به چپ رهيو.

زيبا جي وياڪلتا وڌي وئي- ورونهن مـان وارَ سنواريندي پڇيائين: ”ڪجهه ڏينهن کان توهان پريشان ٿا نظر اچو- ڪا ڳالهه آهي ڇا؟“

خاموشي ـــ

”ڪنهن ڪجهه چيو اٿوَ؟“

مـاٺ ـــ

”مان توهان جي زال آهيان. توهان جي ڏک سک جو ساٿي- چوندا آهن ٻڌائڻ سان غم وراهجي ويندو آهي.“

سڄاد جي سيني ۾ ڪٽار لهي وئي.

”توهان جني مون اپاهج کي سهارو ڏنو، پيار، پنهنجائيءَ ۽ خوشين جا خزانا ڏنا، اتي پنهنجي پيڙا ۽ پريشاني به ڏئي ڇڏيو- مان خوشيءَ سان توهان جو ڏک ڏوريندس- جهوري جهاڳيندس-“

هن جـو ذهن ڏڪي پيو ـــ

”هيءَ عورت ـــ“ هن سوچيو، ”هيءَ اپاهج عورت- جنهن کي سهارو ڏيڻ لاءِ مون پنهنجي جواني داءَ تي لڳائي ڇڏي- زندگيءَ جو سـودو ڪيم- ذات، ڏات، لات سڀڪجهه ڀلائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انور کي حياتيءَ جي رڻ پٽ ۾ ڀٽڪڻ لاءِ ڇڏي نٿي سگھان. هن کي منهنجي ضرورت آهي. منهنجي سهاري جي گھرج آهي. هو وچايل انسان آهي، ڪنهن منزل جي تلاش ۾ منهنجو ساٿ گھرجي. تون مونکي معاف ڪري ڇڏج. ڀاڇوا و سمجھي وساري ڇڏج. وساري ڇڏج. وساري ڇڏج—"

هوءَ هلي وئي ۽ همايون سڏڪي پيو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي ڳالهه ناهي، منهنجو نالو پنهنجيءَ ڊگهيءَ ڏاڙهيءَ مان ستار جا سر ڪڍندو هو ۽ منهنجو مامو ته پنهنجي مُڇ مان چنگ وڄائيندو هو!"

ڪپتان شامي منڊڪائيندو اچي منهنجي سامهون لنگهيو. پڇيو مانس، "تنهنجي پير کي ڇا ٿيو ڪپتان؟"

چيائين، "يار ڪالهه اهي ته بمپر اڇليم، اهي ته بمپر اڇليم جو پير ئي زخمي ٿي پيم!"

برسات سڄو ڏينهن پوندي رهي. ۽ مئچ جو رهيو کهيو امڪان به ويندو رهيو. هوٽل ۾ موٽي آياسين ته بيرن جي ڊگهي قطار کي پنهنجي انتظار ۾ ڏٺوسين. ويجها وياسين ته هنن نهايت ئي هيٺ جهڪي جهڪي فرشي سلام ڪرڻ شروع ڪري ڏنا. اسان کين ماني جلد تيار ڪرڻ جي تاڪيد ڪري پنهنجن ڪمرن ۾ هليا وياسين. پوءِ خبر پئي ته اهي بيرا نه، پر مقامي شاعر هئا، جي پنهنجو ڪلام ٻڌائڻ لاءِ آيا هئا!

۽ جڏهن ڪافي دير گذري ۽ گذريل حسين رات کي ياد ڪندي مان هيٺ هال ۾ ڪافي پيئڻ هليو آيس ته اوچتو لاوارث به اچي نڪتو. تازو ٻاهران آيل هو انڪري ڪپڙا برسات ڪان آلا هئس. مونکي ڏسي، هٿ وارو پيڪيٽ ٽيبل تي اڇلائي، پاڻ اچي ڪرسيءَ ۾ ڪريو. پيڪيٽ ۾ هڪ حسين ليڊيز واچ هئي ۽ پني چٽڪيءَ تي لکيل هو: 'پيار ڀريو تحفو- از طرف وارث مرزا وارثي.'

مون لاوارث ڏانهن ڏٺو. هو مرڪي رهيو هو. مون چيو، "خدا جا بندا هيءَ ڪهڙي مصيبت!"

لاڏ مان چيائين، "مصيبت نه، محبت."

"پر،" مون چيو، "اسانکي هت آئي ڏينهن ئي گهٽا ٿيا آهن! ۽ تنهن ڪانسواءِ...."

پر هو وڏيڪ ڪجهه به ٻڌڻ ڪانسواءِ، پيڪيٽ هٿ ۾ لوڏيندو،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيٽيءَ سان ڄمالو ڳائيندو، جهومندو، ٻاهر نڪري ويو. ۽ مان چپ چاپ ڪافي پيئڻ لڳس.

سامهون هوٽل جي شفاف ديوار مان ٻاهريان جبل ڏندلا ۽ جهڪا ڏسڻ ۾ پئي آيا. مون ٻيري کي سڏي چيو، ”توهان جي هوٽل جون ديوارون ڪهڙيون نه شفاف آهن، پريان جبل به پيا ٿا ڏيکارجن.“

ٻيري کلي ڏنو. چيائين، ”سائين، اها ديوار ناهي، دري آهي!“

۽ پوءِ مان ڪوٽ ڪلهي تي اڇلي ڏاڪڻ چڙهڻ لڳس. واٽ تي ڏي شامي ملي ويم. پنهنجو بهترين سوٽ اوڍيل هئس ۽ منجهانئس نمنيل جي هلڪي خوشبو پئي اڏي.

مون مذاق خاطر چيو، ”ڪپتان، چو اڄي ڪوئيٽا جي حسينائن کي ڪهڻ جي سٽي اٿئي. ويچارين جا بگاڙيو آهي تنهنجو!“

هو ٻهڪي اٿيو، ”وڏو ڪو جادوگر آهين، سائين منهنجي ڪي چوان. آخر توکي خبر ڪيئن پئي؟“

مان چپ، مرڪندو رهيس.

پر هو چپ رهي نه سگهيو. ايلاز ڪندي چيائين، ”ڏس، اولڊ بواءِ، ڪنهنکي به سائين منهنجي ڪي چوان خبر نه پوي، خاص ڪري ان مردود لاوارث کي. نه ته منهنجي سڄي محنت تي پاڻي ڦيري ڇڏيندو.“ ڪجهه لڄائي، ڪجهه شرمائي، منهن ٻنهي هٿن ۾ لڪائي، هيٺين چپ کي چڪ پائي چيائين، ”اڄ شام ملڻ جو وعدو آهي چشمي تي. ڏس، هيءُ ڏس!“ ائين چئي کيسي مان هڪ چمڪندڙ هار ڪڍي هٿ ۾ ڪيائين. ”ڏس، هيءَ تحفو ڪيئن رهندو؟“

۽ مان سوچڻ لڳس ته ڇا سچ پچ ڪوئيٽا جي سر زمين عاشقن لاءِ ايتري موزون جڳهه آهي.

۽ هوڏانهن شامي ويندي ويندي، واٽ تان مڙي، مونکي چئي رهيو هو، ”ڏس قمر، سائين منهنجي کي چوان، منهنجو راز، ماءِ، سيڪريٽ...“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تنهنجي منهنجي ڪهاڻي

هيءُ انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي، جڏهن مون کي ڇتي ڪتي چڪ پاتو هو.

دراصل ڪتو منهنجو پنهنجو هـو. گهر جو پاليل هو. ٻارن سان گڏ نپايل هو. پر پوءِ اوچتو ڇتو ٿي پيو. ڪاڏي وڌائين. مان وڏيرو ناهيان. ان ڪري ڪتن جي نفسيات کان به واقف نه آهيان. نه ته گهٽ ۾ گهٽ ايتري ڄاڻ ته ضرور هجيم ها ته ڇتا ڪتا اڪثر مالڪن کي ئي کائيندا آهن. ان جو سبب شايد اهو آهي ته ڇتي ڪتي کي پنهنجي مالڪ کان وڌيڪ سولو ۽ هٿيڪو شڪار ٻيو ڪهڙو ملندو؟

منهنجي پاڙيسريءَ خير محمد کوکن واري جو خيال آهي ته: مون کي ڪتو پالڻ ئي نه گهربو هو. ڇو ته ڪتو صرف تيستائين وفادار رهندو آهي، جيستائين ڇتو نه ٿيندو آهي. ڇتي ٿيڻ کان پوءِ هو سڀ لڳ لاڳاپا ۽ رشتا ناتا وساري ويهندو آهي.

شاعر جذبات حضرت بلبل بيقرار چيو ته: جانور سان دوستي نه رکجي. پر جي رکجي به ڪٿي ته پوءِ ان کان اڳ جو جانور چڪ پائي، کيس پاڻ چڪ پائي ڪيجي.

مائي ملوڪان، عمر ۾ به وڏي ۽ عقل ۾ به سرس آهي، ان ته ڪليو ڪلايو چئي ڏنو ته: ابا، منهنجو مثال وسري ويو هيئي ڇا؟ مٺي ولوءِ سان لائون لهي آئي هيس ته گهر ۾ نڪر جو ٽانو به ڪونه هو نپٽي ڪي- سچو سڪٺو، ٻانهن لوڏي، موڙ ٻڌي اچي بيٺو هو راڄ ۾ خالي ڪيسي ٿي- پورهيا ڪيم، ٻيلهپا ڪيم، ماڻهن جون چاڪريون ڪيم. نه ڏٺم ڏينهن نه رات. نه ساوڻ نه سيارو. ڪٿان اٽي اپ ملي، ڪٿان گندي ڪپڙو، ڪٿان چار ڏوڪڙ، ڪٿان دم دلاسو- ويس مٺي جو پيٽ پريندي- گڏهه مان ڦيرائي ماڻهو ڪيومانس- چار پيسا هٿ ۾ ٿيس ته بگل ٿي ڦري ويس- اڳي پيو پيرن ۾ ليڪهڙائيون پائيندو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٽي ويا. مون کان هٿ جو سور وسري ويو. دماغ ۾ ڪوڪو ڪپي ويم- ٻيوس ٿي زال ڏانهن ڏٺم، ٻارن ڏانهن نهاريم، ۽ پوءِ نماڻين اکين سان زمين کي ائين تڪڻ لڳس ڄڻ اڄهو ٿو گذاري وڃان. پتو ئي ڪونه پيو ته پوءِ ڇا ٿيو. ڪهڙيءَ مهل ٿاميءَ کي با حفاظت ڪوٺي تان لاهي ٻاهر وٺي ويا، اها به ڄاڻ ڪونه اٿم. رڳو ايترو ياد اٿم ته مان مٽي کي هٿ ڏئي ڇپر ني ويهي رهيو هوس. ملان ڏچر، سوشل ورڪر سائين ڏنو سٻاجهو، خير محمد کوکن وارو، شاعر جذبات حضرت بلبل بيقرار گانگٽ ڪٽ مڇن وارو ايس- پي ۽ ٻيا اوڙي پاڙي وارا، سڀ هڪ ٽي هليا ويا هئا. منهنجا ٻار منهنجي چوڌاري مڇو ڏاهي گونگا ٻوڙها ٻاڙي رهيا هئا.

منهنجي زال منهنجي زخم لاءِ لپري ڏاهڻ بورچيخاني ۾ هلي وئي هئي. ۽ مان چپ چاپ ڪنڌ جهڪائي سوچي رهيو هوس ته هي سڀ ڪجهه ڇا ٿي ويو؟ احسان، مروت ۽ دوستيءَ جا جذبا ايترو جلد ڇو ڪومائجي ويا؟ سچ ۽ انصاف جا چپ ڪنهن سبي ڇڏيا آهن؟

۽ پوءِ جڏهن ڪنهن منهنجي وارن ۾ پيار سان آڱريون ڦيريون تڏهن مون اکيون مٿي ڪڻي ڏٺو ته اها مائي ملوڪان هئي. اکيون لڙڪن ۾ ٻڏي ويم. اسان ٻئي ڪيتري دير تائين چپ چاپ هڪ ٻئي کي ڏسندا رهياسين. نه مون ڪجهه چيو. نه هن ئي زبان کولي. صرف ماٺ ميٺ ۾ مون ڏانهن نهاريندي رهي. ڄڻ چوندي هجي: جڏهن واوءَ ڇڏي ڏنو هوم، تڏهن مون تي ڪهڙو ويل وهيو هوندو؟ هاڻي ته سمجهي وئين نه؟

اسان هڪ ٻئي ڏي ڏسندا ئي رهون ٿا ته فريم "فريز" ٿي وڃي ٿو ۽ پوءِ پس منظر مان اوچتو ڪڙاڪيدار آواز ٿو اڀري: ۽ هاڻي توهان هڪ ضروري اعلان ٻڌندا: هاڻي هاڻي خبر آئي آهي ته علائقي جي ايس- پي گانگٽ خان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي هڪ چِٺي ڪٿي ڪاٺي وڌو آهي. ياد رهي ته ايس- پي
گانگٽ خان انسداد بيرحمي حيوانان جو ڪنوينر پڻ آهي. اهو
به معلوم ٿيو آهي ته، چِٺو ڪٿو مولوي رمضان، مشهور سماجي
ڪارڪن سائين ڏني سپاجهي ۽ شاعر، جذبات بلبل بيقرار ڪي ڪاٺڻ
ڪان پوءِ ولوءِ نالي هڪ شخص سان ملڻ لاءِ سندس گهر ويو
۽ ڪجهه دير ساڻس گڏ رهيو. ٻنهي مرڪندي پاڻ ۾ هٿ
ملايو ۽ فوٽو پڻ ڪڍايو. اعلان پورو ٿيو.

★



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڃري منجهه پـراڻ

ڊرائينگ روم جي گهڙيال هڪ وڄايو.

بيگم مراد بي چين ٿي وئي. ڪتاب سائيڊ ٽيبل تي رکي، اٿي دريءَ ۾ آئي. ڪاري رات، ٻاٽ اونده. رستي تي ٽريفڪ گهٽجي وئي هئي. رکي رکي ڪا ڪار تيزيءَ سان آئـي ٿي، ۽ زوڪاٽ ڪندي هلي ٿي وئي.

سامهون ڪميونٽي پارڪ ۾، جتي ٿوري دير اڳ، پاڙي جا نوجوان ٽوليون ٺاهي، تاس، ڪيرم ۽ شطرنج سان دل وندرائي رهيا هئا، سي هاڻي وڃي چڪا هئا. بينچن تي مزدور، تيل مالشي ۽ رڪشائن وارا ڏونگر جيڏي ڏينهن جي پورهئي کان چور، ميرا ميرا بوڇڻ مٿان پائـي گهريءَ ننڊ جي گود ۾ ا وت هئا.

هڪ ٻڇڙو ڪتو، بنگلي جي اوٽ مان نڪري فوٽ پاٿ تي اچي بيٺو. ڪجهه دير پيچ زمين تي ٻيرڪائي، آسمان ڏي منهن ڪري ٻوائتي آواز ۾ اوناٽيندو رهيو ۽ پوءِ آهستي آهستي پارڪ ۾ لهي اٿي بينچ تي ستل هڪ گدلي انسان کي ويجهو اچي منهن وٽ سنگهيائين ۽ پوءِ چپ چاپ سندس پير ۾ هيٺ ڇپر تي سمهي رهيو.

پريان، رستي جي ساڄي پاسي، 'آدم جي انشورنس ڪمپنيءَ' جو رنگا رنگ روشن نيون بورڊ هاڻي روشني لٽائي ٿڪجي ٿڪي، اجهامي ويو هو. خاموش رات ۾ رکي رکي ڪو هوا جو جهوٽو اوپاسيءَ جيان ايريو ٿي ۽ پوءِ ننڊاڪڙو ٿي سمهي ٿي رهيو.

'اڃان زري نه موٽـي.' بيگم مراد جي دل ٻڏڻ لڳي. 'اڳي ته ڪڏهن ايڏي دير ٻاهر نه رهي هئي.' انتظار سندس اکين ۾ اڏمو ٻنجي اوتجي آيو، بيچيني ٻڙڇي ٻڌجي سندس سيني ۾ لهي وئي. ڏڪندڙ هٿن سان ريلنگ کي مظبوط جهلي، هن هڪ دفعو وري ٻاهر اونده ۾ جهاتي پاتي، پر نااميد نگاهون هڪ دفعو وري به مايوسي ٿي موٽي آيون. هوءَ گهبرائجي، دري ڇڏي اندر آئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن ۾ اچي سندس اکيان بيٺي. ماءُ ڪا گهڙي ڏڪندڙ هٿن سان پلنگ جي سهاري بيٺي، کيس ڏسندي رهي. سندس گهنجيل ساڙهي، وکريل وار، ڍليل ڪجل، ڪا صديون پراڻي آڪاڻي دهرائي رهيا هئا.

هن کي ياد آيو، سينٽر ٽيبل تي رکيل ڪارو، بدشڪلو، حبشي وارو بت، جنهن جي ڪليل وات ۾ اڇاميل سگريٽ جي رک پيل هئي، ۽ جنهن جي ڪنن مان والا لڙڪي رهيا هئا. هن جي دل ۾ سانديل نفرت اڀري آئي. کيس پهريون دفعو احساس ٿيو ته هوءَ سڄي سماج آڏو ڪيڏو نه مجبور هئي. تڏهن اوچتو پنهنجي جسم جي سموري طاقت سميٽي، هن ڏڪندڙ هٿن سان زريءَ جي منهن تي ٿڦڙ وهائي ڪڍي.

زريءَ جون اکيون ڪليل ئي رهجي ويون. هوءَ پنهنجي ماءُ جي ڪنبندڙ جسم کي وٽيڪ ڏسي نه سگهي ۽ ڪنڌ جهڪائي بيٺي ئي رهي.

۽ پوءِ جڏهن بيگم مراد جون نظرون زريءَ جي منهن تان کڄيون، تڏهن کيس شو ڪيس جي ڪنڊ ۾ بيٺل اها گڏي نظر آئي، جا زريءَ جي پهرين سالگره جو يادگار هئي. ماءُ جي دل پٿون تي پئي. درد جو درياءُ بند ٽپي وهي نڪتو. اوچتو هن زريءَ کي ڇڪي پنهنجي ڇاتيءَ ۾ ڇپائي ڇڏيو ۽ سندس سڏڪا ورلاپ بڻجي اڀريا، ”منهنجي ميٺي، منهنجي ٻچڙي!“

اها رات، ٻه اپاڳيون عورتون، ڪيتري دير تائين هڪ ٻئي کي چهٽي روئنديون رهيون—!

●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنگم پبليڪيشن جا ڇپايل ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| ١- آرزو [مختلف ليکڪن جون ڪهاڻيون] | | ١٠-٠٠ |
| ٢- سپنا | | ٦-٠٠ |
| ٣- اسڪاهه ليب | | ٦-٠٠ |
| ٤- سنگم | | ٦-٠٠ |
| ٥- ماڻڪ موتي | | ٦-٠٠ |
| ٦- صبحِ ازل | | ٦-٠٠ |
| ٧- آمنگ | | ٦-٠٠ |
| ٨- تخليق جو موت | | ٦-٠٠ |
| ٩- ليڊر جو عشق | | ٦-٠٠ |
| ١٠- آبِ حيات | | ٦-٠٠ |
| ١١- مامتا | | ٧-٠٠ |
| ١٢- سالگرهه نمبر | | ٧-٠٠ |
| ١٣- سندري آتم چنداڻيءَ جون شاهڪار ڪهاڻيون | | ١٠-٠٠ |
| ١٤- حمل فقير | | — |
| ١٥- قمر شهباز جون چونڊ ڪهاڻيون | | ١٥-٠٠ |

## سهڪاري ڇپايل ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| ١٦- جڏهن پونهه ٻٽي | تاجل بيوس جي شاعري | ٢٠-٠٠ |
| ١٧- سنڌ جي سياسي جدوجهد (١٨٤٣ — ١٩٣٦ع) | ڊاڪٽر محمد لائق زرداري | ٣٠-٠٠ |

## جلدي ايندڙ ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| ★ روشن راتيون ڏنڌلا پاڇا | ناول | ڪرم الاهي چنا |
| ★ انبن جهليو ٻور | | تاجل بيوس جو شاعراڻو نثر |
| ★ ڪشمڪش | | آتم چنداڻيءَ جون ڪهاڻيون |
| ★ مامتا | | عذرا چنا جون ڪهاڻيون |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book